مئڪسم گورڪي

# آتم ڪهاڻي

## تربيت



سنڌي ادبي بورڊ

ميڪسم گورڪيءَ جي

# آتم ڪهاڻي

## = تربيت =

(ميڪسم گورڪيءَ جي My Apprenticeship
جو سنڌي ترجمو)

از

اياز قادري

تصحيح

محمد ابراهيم جويو

سنڌي ادبي بورڊ
حيدرآباد سنڌ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڇهريون ڇاپو جون، 1977ع هڪ هزار

[سنڌي ادبي بورڊ جا سڀ حق ۽ واسطا قائم]

قيمت: پندرهن رپيا
[Price: Rs. 15.00]

MAXIM GORKI JI ATAM KAHANI-TARBIAT ('My Apprenticeship' by Maxim Gorki). Translated into Sindhi by Ayaz Qadri.

**Published by:** Sindhi Adabi Board, P. O. Box 12, Hyderabad Sind, Pakistan. 1977.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مئڪسم گورڪيءَ جي

# آتم ڪھاڻي

= تربيت =

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن ڪتاب جا شروعاتي 4 صفحا ۽ ڪور سنڌي ادبي بورڊ پرنٽنگ پريس، تلڪ چاڙهي، حيدرآباد سنڌ ۾ ڇپيا، ۽ باقي مواد (صن 1 کان 500 تائين) سردار پرنٽنگ پريس، گاڏي کاتو، حيدرآباد سنڌ ۾ ڇپيو، ۽ مسٽر ظفرحسن، سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ ان کي ڇپائي پڌرو ڪيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گهمندو هجي ها، ته هي ڇوڪر ڪيئن سلامت اچي ها؟ اڙي هو ته هن کي لپاٽ ٿي مکڙي چڪي ها ته هيءُ بولاٽيون کائيندو قبرستان کان ٻاهر اچي ڪري ها!“

لنبملا مون ڏاڍهن تعريف سان ٻڌل مڙڻن اکين سان نهاريو. نانو به خوشيءَ جو اظهار ڪرڻ لڳو. سوڪ گرشڪا جي سيڪو منهنجي واکاڻ ڪرڻ لڳو. گرشڪا چوڻ لڳو، ”اها هن جي لاءِ ڪا وڏي ڳالهه نه هئي. هن جي ڏاڏي، جا ڏاڍڻ آهي!“

———



اوٺهارو هجي ها ته جيڪر نانيءَ کي چوان ها ته اڱڻ ڳنڍجي هلي پئون ها، جيئن ننڍپڻ ۾ هوءَ پنڌي هئي، ۽ پاڻ سان لڏبلا کي به هڪڙي گاڏڙي ۾ ويهاري ڇڏيون ها ۽ انهيءَ گاڏڙي کي ماڻ ڪاهيندو هلان ها. پر اوٺهارو موڪلائي ويو هو. گهٽين ۾ طوفاني هوائون پئي لڳيون. آسمان برفاني ڪڪرن سان ڍڪيو پيو هو. ڌرتيءَ جي منهن ۾ گهنڊ وجهي ڇڏيو هو، ۽ سندس چهري تي خوفناڪ بي ترسيءَ جا آثار پئي ڏسڻ ۾ آيا.

---




www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ماڪ کي زريءَ جي ڪنارين سان وکو ڏنو هو.“

مون کي، ڪنهن سبب جي ڪري، انهيءَ ڳالهه تي اعتبار ئي نه پئي آيو ته هن امڙ کي ڪا سوکڙي ڏني هوندي ۽ امڙ قبول ڪئي هوندي. جڏهن ٻيهر اها ڳالهه دهرائيم، تڏهن چيومانس، ”سو تو هن کي اها ڏني هئي. چگو - پر انهيءَ ۾ ڀال ڦندائڻ جي کهڙي ڳالهه آهي.“

هن وات ٻئي چيو، ”ڇا؟ چائين ٿو ڪنهن سان ٻيو ڳالهائيم؟“

هن جا ڳڻا ڳاڙها ٿي ويا ۽ اکيون ٻاهر نڪري آيون. مڙس کي واڪو ڪري سڏ ڪيائين. هي جوان ته ڪن ۾ پينسل ۽ هٿ ۾ ڪمپاس کنيو ٻورچيخاني ۾ اچي وارد ٿيو. زال جي ڳالهه ٻڌائين ۽ مون کي حڪم ڏنائين، ”پنهنجي مالڪياڻيءَ سان ۽ هتان جي هر هڪ ماڻهوءَ سان ادب سان ڳالهائيندو ڪر! ڪنهن به قسم جي گستاخي بند!“ پوءِ زال ڏانهن منهن ڪري چيائين، ”واهيات ڳالهين ۾ مون کي تنگ نه ڪندي ڪر.“

”واهيات! ڇا ٿو چوين! جيڪڏهن تنهنجا مائٽ -“

”منهنجا مائٽ وڃي جهنم ۾ پون!“ منهنجي مالڪ رڙ ڪئي، ۽ ٽڪرو ٽڪرو هليو ويو.

مون کي اها ڳالهه نيٺ نه وڻندي هئي ته هي ڌاريءَ جا مائٽ هئا. مون آزمودي سان ڏٺو هو ته مائٽن جي هلت ڌارين کان به بڇڙي هئي. هڪٻئي جي عيبن ۽ اوڻاين جي ڄاڻ ڪري هو چرچي ڀوڳ ۾ لڪل هڪٻئي کي ڇهنبڙيون پائي وڻندا هئا، ۽ جهيڙي لاءِ ته اول ئي سندرو ٻڌي ويهندا هئا.

مون کي پنهنجو مالڪ وڻندو هو. هو پنهنجن وارن کي ڏاڍي ڏاهوڪي نموني ڪنڌ ڏوڻي، پلٽي ڪري، ڪنن ۾ اڙڪائي ڇڏيندو هو. هو گهڻن ڳالهين ۾ ’نيڪ خيال‘ جون سڪون لاهيندو هو. ۽ گهڙيءَ گهڙيءَ دل کولي ٽهڪ ڏيندو هو. هن جي اکين جي جوت ۾ قرب ڀريو جهاتيون پائيندو هو ۽ هن جو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن مون کي هڪڙو ڪرلاس جي مُهر وارو پنجن ڪوپڪن وارو سڪو ڏنو. مون ان کي پنهنجن شاهڪارن جي وچ ۾ هڪڙيءَ نار ۾ ويڙهي، لڪائي ڇڏيو. ڪجهه ڏينهن کان پوءِ اهو آنان غائب هو. سوچيم، اهو ضرور آن پريءَ جو ڪم هوندو، جيڪا ان کي نکائي وٺي هوندي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عيش مزا ڇڏي، الله جي عبادت ٿا ڪن."

ڪپتان جي زال اسان وٽان اچي لنگهي. جنهن سامهون هاربل ٻائيءَ جي مٿان هلڻ لڳي، ته پنهنجو گرارو مٿي ڪيائين. هوءَ ڊگهي ۽ جالمي هئي. هن جي منهن ۾ تازگي ۽ سٺپ هو. منهنجي دل ۾ اهو ڏاڍو خيال هو ته هن جي پٺيان وڃي، دل سان منٿ ڪري، چوانس، "مون سان ٿورو ته ڳالهاءِ، ٿورو ته ڳالهاءِ."

هوريان جهاز ڌڪي ڏان پلٽي هڻڻ لڳو، ٻورن ٻاڻ تي صليب جو نشان بڻائيندي، هوريان چيو، "ڪوچ ٿا ڪيون."

---

جنهنڪري اهو بلڪل مڏو ٿي ويو هو ۽ ڪارائيءَ وانگر ڪرنڊ پنجي ويا هئس.

مسافر وري هن جي چوگرد گول ٿاهيو بيٺا هئا، ۽ هن مسخري تي جنهن جي مٿي مان اجا ٻاڦ پئي نڪري، کلي رهيا هئا. هن جي مٺي نڪ وارو منهن ڏونري وانگر پئي چلڪيو؟ هن جو وات پٽجي ويو هو، ۽ چپ لڙڪي پيا هئا. هن مسافرن کي روڙ ڪري چيو، ”ظالمو! بي رحمو!“

مون کي ڪا شيءِ ملي وئي، جنهن تي ٻيهي، ماڻهن جا ٿهڪ ڏيندڙ منهن ڏسي پئي سگهيس، ۽ انهن کي هڪٻئي کي سڏيندو ٻڌي پئي سگهيس— ”ڏس! ڏس ته سهي!“

جڏهن هو پنهنجي ٿنيڙي ٻار جهڙي سنهڙي هٿ سان گهنجيل قميص پنهنجي پتلون ۾ وجهي رهيو هو، ته منهنجي پرسان بيٺل هڪڙي ٿاهوڪي ماڻهوءَ ڏيک ڏنو، ”مرڻ جي تياري ڪري رهيو آهي. ڇڙو قميص اندر وجهڻي اٿس!“

انهيءَ تي ٺهڪڙو پنجي ويو. اها ڳالهه صاف ظاهر هئي ته هو سمجهي رهيا هئا ته هي خودڪشي نه ڪندو، ۽ منهنجو به اهو خيال هو. سماوري هن ڏانهن غور سان نهاري، ماڻهن کي مڪون هڻندو، هٽائيندو، رڙيون ڪندو ويو، ”بيوقوفو، رستو ڏيو!“

هن ور ور ڪري مسافرن کي بيوقوف پئي سڏيو. مسافرن جي هڪڙي ٽولي ڏانهن منهن ڪري چيائين، ”بيوقوفو، پنهنجن جاين ڏانهن وڃو!“

اها ڳالهه ڪل جهڙي ٿي لڳي پر هئي حقيقت. چاڪاڻ ته سيني صبح ڪان وٺي بيوقوفن جهڙي حالت هلي هئي. مسافر ٽڙي پکڙي ويا. هو سپاهيءَ وٽ آيو. هن جي ٻانهن کي سوگهو جهلي چيائين، ”مون کي ڏي ڇرو!“

”مون کي تنهنجي پرواه ناهي!“ سپاهيءَ ائين چئي، ڇرو ڪڍي اڳتي ڪيو. سماوريءَ ڇرو وٺي، مون کي ڏنو، ۽ سپاهيءَ کي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پهرين وڏي ڪمائي هئي.

مون کي الوداع ڪندي، سماوريءَ چيو، ”سو آخر ائين ٿيو. اڄ کان پوءِ اکيون کولي هلجانءِ، سمجهئين؟ ڪٿي احمقن وانگر رکيو وات ڦٽي نه هلجانءِ.“

منهنجو هٿ کولي ان تي تماڪ جي ڳوٿري رکيائين—

”هيءَ تنهنجي لاءِ آهي. هٿ جو اهڙو نفيس ڪم ٿيل اٿس. منهنجي ڌيءَ جي ڌيءَ منهنجي لاءِ بنائي هئي. چڱو، الوداع، پڙهندو رهجانءِ. الهيءَ کان وڌيڪ ٻيو چڱو ڪم ڪونه ملندئي.“

مون کي پنهنجن هٿن ۾ مٿي کڻي ميلي ڏنائين، ۽ پوءِ هيٺ دڪي تي لاهي ڇڏيائين. مون کي هن تي ۽ پاڻ تي ڏک ٿي رهيو هو. هو جڏهن ڪولهن کي پاسي ڪندي، جهاز ڏانهن وڌيو، ته مان پنهنجا ڳوڙها روڪي نه سگهيس، ۽ هو ڪيترو نه ڏکيو، ڳورو ۽ اڪيلو ٿي لڳو!

ان کان پوءِ اهڙي قسم جي ڪيترن ماڻهن سان مليو هوندس، جيڪي نيڪدل ۽ تنها آهن ۽ زندگيءَ جي جنجهٽن کان بلڪل الڳ پنهنجي زندگي گهارين ٿا—



# (٧)

نانو ۽ ناني وري شهر ڏانهن لڏي آيا هئا. مان جڏهن هنن ڏانهن ويس تڏهن منهنجي طبيعت ۾ ڪاوڙ ۽ دل غم سان ڀريل هئي. مون کي هنن، جهاز جي ڪپتان ۽ ٻين، ڇا جي لاءِ چور سمجهيو هو؟

ناني منهنجو آدرڀاءُ مٺڙي نموني سان ڪيو ۽ چانهه لاءِ سماوار گرم ڪرڻ لڳي. پنهنجي کلندي واري نموني ناني پڇيو، "ڪجهه ڏوڪڙ بچايا اٿئي؟"

"جيڪي بچايو اٿم آهو منهنجو آهي،" مون ورائيس، ۽ دريءَ ۾ ٿي ويٺس.

مون سگريٽن جو پاڪيٽ ڪڍي، هڪڙو سگريٽ دکايو.

"هان!" ناني شوڪجي چيو، "ڳالهه اِتي وڃي پهتي آهي. شيطاني ڪم ڪيو اٿئي! الهيءَ منجهه، تہ واقعي چستي ڪئي اٿئي."

"مون کي تہ تماڪ جي ڪوٺڙي ۾ ڏني وئي آهي!" مون ڦونڊجي چيو.

"تماڪ جي ڪوٺڙي!" ناني رڙ ڪندي چيو، "مون کي ڪپڙن مان ڪيئن نہ گهرڻ ڇا؟"

هو مون ڏانهن الر ڪري وڌيو. هن جي سائين اکين ۾ چمڪ اچي ويئي. ۽ پنهنجو مضبوط ۽ اٽيو هٿ مون ڏانهن وڌايائين. مون جهٽ پيٽ وارو ٽڪر وهائي ڪيدس. ويچارو وڏو مهان پٽ تي سنئون ٿي پنجي رهيو. ڪجهه وقت عجب

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وڇايو پيو هو، جنهن تي ماڻي، گوگڙو، موري ۽ صوف پيا هئا. انهن جي وچ ۾ شيشي جو سهڻو ساغر پيو هو، جنهن جي ڪچيءَ تي نيپولين جي تصوير چٽيل هئي، ۽ اندر جهنگلي ٻوٽين مان ٺهيل ووڊڪا شراب ڀريل هو.

”او منهنجا ڏٽي، ڪهڙو نه وڻندڙ وقت آهي!“ نتاليءَ شڪرگذاريءَ جي لهجي چيو.

”مون گيت ٺاهيو آهي!“ مون هن کي چيو.

”چڱو، ٻڌاءِ.“

مون هن کي پنهنجي تڪبندي ٻڌائي، جنهن کي مان شعر سمجهي رهيو هوس، جيڪا هيٺين ريت هئي:

سهارو اچي ٿو، گل وڃن ٿا،
الهه واهي آرهڙ جا سج، الهه واهي،
سهڻا گل ۽ سڙا ٻـڪي سپيني
الوداع سڀ الوداع چون ٿا.

نتاليءَ وچ ۾ ڪٿي ٽوڪ ڏنو ۽ منهنجو گيت سڄو ٻڌڻ کان سواءِ ئي چوڻ لڳي، ”مون کي ٻه اهڙو هڪڙو گيت ياد آهي ۽ ڏاڍو سٺو آهي.“ ٻوءِ سر مان ٻڌائڻ لڳي:

اوهه! اونهاري جو سج الوداع چئي هليو ويو
اونداهيءَ رات ۾ ڏورانهن جهنگلن ۾
منهنجا بهار ڪٿي، خزان ڇڏي ڪو هليو ويو،
مان صبح سوير انهن پيرڻ تي وري وهندي آهيان
جيڪي مون بهار جي موسم ۾ ڪنيا هئا،
اداس ۽ وياڪل آهن آهي سڄيون ٺيون
جتي مون پنهنجو جوڀن ۽ جواني وڃائي،
منهنجي سفيد سيني مان ڪو جيڪر
منهنجي ڏکويل دل ڪڍي
برف جي هيٺان پوري ڇڏي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

زبان بند ٿي ويندي هئي. هڻ جڏهن به مون کان ڪا ڳالهه پڇي هئي ته لڄ کان مان ماٺ ٿي ويندو هوس ۽ صرف سرهائيءَ جي مرڪ سان ڪنڌ ڌوڻي، ڪيس جواب ڏيئي سگهندو هوس. مان وفادار ڪتي وانگر هڻ جي فرمانبرداريءَ ۾ رهڻ لاءِ تيار هوس ۽ انهيءَ خدمت جي عيوض مون لاءِ هڻ جو ديدار ۽ واڪ ڪافي هو.





www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کٽي، چوڻ لڳي، ”پوءِ پلا ڇا ڪريون؟ تون ڏاڍو عجيب ڇوڪرو آهين.“ مون هن جي پرسان جيڪو آئينو رکيو هو ان ۾ ڀاڻ کي جاچڻ لاءِ اک ٽيٽ ڪري ڏٺو. ڏٺم ته ڳهڻن جا هڏا ٻاهر نڪتل، نڪ مٺو، ڀرون جي مٿان نشان ۽ وار، جن کي ڪٽڻ جي ضرورت هئي، جاڏي ڪاڏي ڪنڊبرڊل هئا. اهو هو، هن جو ”عجيب ڇوڪرو.“ ۽ انهيءَ عجيب ڇوڪري جي انهيءَ ڇمنيءَ جي ڳڏيءَ سان ڪا به مشابهت ڪانه هئي.

”توکي، جي مون کوپهڪ ڏنا، اهي ڇو نه کٽي وٺين؟“

”مون نٿي چاهيو.“

هن ٿڌو ساهه ڀريو- ”پوءِ پلا ڇا ڪريون؟ جڏهن به توکي ڪتابن پڙهڻ جي اجازت ملي ته هيڏانهن هلي اچجانءِ. سان توکي پڙهڻ لاءِ ڪتاب ڏيندس.“

کهوڙيءَ تي ٽي ڪتاب پيل هئا، جن ۾ مون وارو سوڙاڻل ڪتاب سڀني کان ٿلهو هو. مون ان ڏانهن ڏک ڀرين اکين سان نهاريو. ڪنڙ جي زال پنهنجو گلاب جهڙو نازڪ هٿ مون ڏانهن وڌايو- ”چڱو، الوداع!“

مون ڏيرڪندي هن جي هٿ سان هٿ ملايو، ۽ ٻاهر پڄي آيس- ’ڇمبو اها ڳالهه سچي آهي، جو هو چون ٿا ته هن کي ڪجهه پتو ئي ڪونهي- عجب آهي، جو ٻن ٽريون کي کوپهڪ ٿي ڪوٺي! هوءَ بنهه ٻار آهي!‘

پر مون کي سندس اها ڳالهه ڀــ وٺي، ۽ بنهه دل ۾ ڇُهي ويئي.

پيون هيون. انهن جي وچ ۾ هڪڙي وڏي پتل جي هنڌ پين ڇهڪي رهي هئي.

اوچتو ئي منهنجي دل ڌڪ ۾ پرجي ويئي ۽ روح ڇڏڪ ڪاڏي— ”ٿل هڪ پيرو ڪنڊ ماسٽر جي زال وري ڪٿي مليم ته سندس شڪريو بجا آڻيان ۽ ڪيس ٻڌايان ته هن مون تي ڪيترا نه ٿورا ڪيا هئا!“

---

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نہ پئي ٿيو، ۽ مون کي قبول ڪرڻو پوندو تہ حقيقت ۾ مان انهيءَ ڳالهہ جي انتظار ۾ هوس تہ هوءَ پاڻ مون ڏانهن ماڻهو موڪليندي. جڏهن هن جي ڏيءَ کان موڪلائڻ لڳس تہ کيس چيم، "پنهنجي ماءُ کي چئجانءِ تہ مان سندس تمام تمام گهڻو شڪرگذار آهيان."

"ماڻو"، هن وعدو ڪيو، ۽ چاهہ ڀريءَ ملڙيءَ مرڪ مان چيائين، "چڱو، سڀائي تائين الوداع."

اسان جي اها ملاقات ويهہ سال کان پوءِ ٿي؛ ان وقت هوءَ هڪڙي ملٽري آفيسر جي زال هئي.



ڪدڙو، سفيد هڙ ڪچ ۽ جهليو، پنهنجن چنجهن اکين
سان جنڪ ڏانهن گهوري رهيو هو. هن جون اکيون اهڙيءَ ريت
سڄيل ۽ ٻاهر نڪتل هيون، جيئن ڪنهن ٻاڏيءَ ۾ ٻڏل لاش جون
هونديون آهن. مان هن کي ڇهن ۽ ڳاريون ڏيڻ لڳس. جنڪ وري
منهنجي ٻانهن کي جڪڙي، چوڻ لڳو، ”هيئنس ڪڏ ۾. هر ڪو
ڏنيءَ جي عبادت پنهنجي نموني تو ڪري. انهيءَ ۾ تنهنجو ڇا
وڃي؟ چڱو، الله واهي— خوش هوندين.“

۽ جنڪ شوموف رڃ وانگر لڏلڏو لمندو، منهنجي دل کي
حيرت ۽ ڏکــ ڏنيون، وهندو رهيو. پنهنجي دوست جي وڃائڻ
تي ڏاڍو دلگير ٿيس. هن جي فيصلي تي خار ۾ پيئي ڪاڙهم. مون
کي جيتريقدر ياد آهي ته جڏهن حيرت مان سوچيم پيئي ته هو
ڪهڙي قسم جو انسان هو، منهنجو دوست شوموف! ۽ آخر
انتري ڏورالهين اڻ ڄاتل ٻاهي اٿين ڇو هلڻ ويو، ته ڏاڍا جڪ
پيئي ڪاڙهم— ’آه، منهنجو دوست جنڪ شوموف! هن جي دل
۾ ڪهڙو مانڊاڻ متل هوا!‘

جو ٻچڙو ڏٺي مون ڏاڍو اچي رهيو آهي، ۽ ٻنهنجن سفيد هٿن سان ٻنهنجي ٽوپي، ڪهڙيءَ همٿ ڪري رهيو آهي ۽ ڪهڙيءَ مٿي ڪري رهيو آهي، ۽ هوريان هوريان ٻه ٻه ڪري چٽي رهيو آهي — ”مان بلڪل سڌي راهه وڃي رهيو آهيان. منهنجو هن تاريڪ دنيا سان ڪوبه واسطو ڪونهي. مون ان سان سڀ لڳ ۽ لاڳاپا ٽوڙي ڇڏيا آهن.“

هن جي خيال سان ڪڏ مون کي منهنجو ٻيءُ اهڙيءَ ريت ياد اچي ويندو هو، جهڙيءَ ريت ٽانيءَ هن کي خواب ۾ ڏٺو هو— نه هو رستي سان وڃي رهيو هو، هن جي هٿ ۾ اڪڙوٽ جي وڻ جو لڪڻ هو، ۽ هڪڙو ڇنڪمرو ڪتو زبان لڙڪايو، هن جي پيرن سان لڳو، هن جي ڪڍ وڃي رهيو هو.




www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جنگهہ کان ٻيءَ جنگهہ تي پيئي اڇلائيندي هئي. هن جي ڪاري
هٿ ۾ رومال هوندو هو، جيڪو هوءَ وڏي مشڪل سان لوڏي
سگهندي هئي، ۽ هن جو ساڄو هٿ هن جي ڇاتيءَ تي اهڙيءَ
ريت رکيل هوندو هو، جو هن جي شڪل، پيرن کان مٿي تائين
هڪڙي وڏي ڪوزي جهڙي نظر ايندي هئي.

جڏهن ذخاريف هن يڪ جهڙيءَ مورت جي چوگرد ڦيرا
پائيندو هو ته هن جي منهن جا رنگ پيا لهندا چڙهندا هئا، ائين
لڳندو هو ته هو هڪ نه آهي پر ڏهہ ماڻهو آهن، جي نچي رهيا
هئا. جيڪڏهن هن جي هڪ شڪل ۾ نوڙت ۽ نياز هو، ته ٻيءَ
۾ مغروري ۽ بي رخي ۽ ٽئين ۾ هو اهڙو ذليل ۽ هيسيل لڳندو هو،
ڄڻ انهيءَ خوفناڪ بلا کان ڪنهن کي پڇي وڃڻ گهرندو هجي.
پوءِ هن جي ٻي شڪل نمودار ٿيندي هئي، جنهن ۾ موڇون لڙڪيل
ڪتي وانگر هن جا ڏند ٻاهر اڪري ايندا هئا، ۽ ٻت پيو وٽ سٽ
کائيندو هوس. هيءُ اڻ وڻندڙ ۽ بي مزي ناچ ڪي ڏسي، مون کي
پنهنجي پاڙي ۾ ذليل سپاهين، اردلين ۽ ڪنيائين جا ڪئا ڪرتوت
ياد اچي ويندا هئا.

انهيءَ مهل مون کي سوڊوروف جا سرد لفظ دل تي تري
آيا — ”اهڙن معاملن ۾ هرڪو نڀڻ جي ڪوشش ڪندو آهي —
انهيءَ راند جو اهو قانون آهي. محبت وغيره ڪجهہ ڪانهي،
سڀ دل کي وندرائڻ جون ڳالهيون آهن.“

مون کي اُن ڳالهہ تي ويسهہ ئي نه ايندو هو ته انهن
معاملن ۾ هرڪو نڀڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. ڇا، ملڪہ مارگاٽ
به ائين ڪندي هئي؟ ۽ اها به پڪ هوندي هيم ته گهٽ ۾ گهٽ
ذخاريف سچو هو. مون کي پتو هو ته هڪڙيءَ گهڻين جي
رولاڪ ڇوڪريءَ، جنهن سان استانوف عشق ۾ ڦاسي پيو هو،
استانوف کي ڌوڪو ڏنو هو؛ انهيءَ هوندي به هن، دوستن جي راءِ
رد ڪري، هن کي مارڪٽ ڪانہ ڪئي هئي، ۽ پاڻ هن سان
وڌيڪ قرب سان پيش آيو هو.

"ڏس، هن نوجوان ٽينگريءَ جي
جيارينڊڙ چانيءَ ۾
ڪهڙو نه جادو آهي!"

هيليون سنئون خاص هن جي دل وٽان ھونديون هيون، ۽ اهي هو وڏي اڏمي بلڪ جنون سان ٻڌائيندو هو:

"عقاب جي تيز اک به
منهنجي محبوب جي لڄاريءَ دل جي گهرائين تائين
پهچي نٿي سگهي."

هو انهيءَ ڳالهه تي بلڪل وائڙو ٿي ويو، جڏهن مون کيس چيو ته مون کي اها ڳالهه سمجهه ۾ نٿي اچي ته هن کي انن شعر ۾ ڇو ٿي مزو ايو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪنهن رت ڏني ته هن کي اتان لاهي، واريندي ۽ رکجي. ڪاڏهن ڏوکين پهچڻيءَ تان هيٺ لهي، چيو، ”وڃارو پل صبح تائين آئي پيو هجي، پنهنجي حياتيءَ ۾ هن ڪنهن سان به نه ڦٽائي هئي.“

پاشڪا پنهنجو منهن ورهائي ۽ هٽي، سڏڪا ڀريندو رهيو. آنتري گوڙ ۾ به استاذرف بيخبر ننڊ ۾ ستو رهيو.

لفظن ۾ انهن چئي ڏاوءِ

شراب پيتل مالڪياڻيءَ چيو، ”خدا حافظ! شرير، گستاخ ۽ ٻچڙا ڇوڪرا، ڏٺي تنهنجو نگهبان آهي! مون توکي پاڻ ته اِئين ڪين ڏنو آهي، باقي ائين چوندا آهن.“

ائين چئي، هوءَ اچي روئڻ ۾ چڙڪي، ۽ سڏڪا ڀريندي چوڻ لڳي، ”جيڪڏهن منهنجو مڙس جيئرو هجي ها، ته توکي چڱيءَ ريت سڌاري ها. هو تنهنجي خوب ڇنڊڇاڻ لاهي ها، ۽ اسين توکي وڃڻ نه ڏيون ها. اسين توکي ڪڏهن به نوڪريءَ مان نه ڪڍون ها. پر هاڻي ڳالهه ٻي ئي آهي. جيڪڏهن ڪنهن ڪي ڪا ڳالهه نٿي وڻي، ته ڀلي ٻڌيو ٻليو ٿو وڃي. پر ڇوڪر، پٽ، اهو ته ٻڌاءِ تہ تون ڪيڏاهن وڃين؟ آخر، هند هند ڀٽڪڻ مان ڪهڙو فائدو؟“

مان رستي جي ڪنڊ وٽ بيھي، ھن ڏانھن نھارڻ لڳس. ھن جا قدم اھڙي ٺاھوءَ وانگر ھوربان کڻي رھيا ھئا، جڻھن جيئي ھن جھان ۾ ڪابہ دلچسپي نہ ھجي.

آھو آگسٽ جو مھينو ھو. وڻن جا پن ڇڻي رھيا ھئا.

مان ھني ڏينھن جنازي ۾ شريڪ ٿي نہ سگھيس، ۽ اھا چوڪري وري مون ڪانہ ڏٺي.





www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# (١٩)

سياري جي موسم ۾ ميلي جي ميدان تي ڪوهه ڪم ڪونہ ڪندو هو، تنهنڪري گهر جا سوين سنها ٿلها ڪم منهنجي حوالي ٿي ويا. جنهنڪري منهنجو سڄو ڏينهن انهن ۾ صرف ٿيڻ لڳو. باقي شام جو سو واندڪائي هوندي هيم، آن ۾ وري گهر جي پاڻين کي ”مصور“ ۽ ”ماسڪو گزيٽ“ رسالن ۾ شايع ٿيل قسطن وارا ناول پڙهي ٻڌائيندو هوس. رات جو پنهنجي ننڊ ڦٽائي، دير دير تائين، پنهنجي پسند جا ڪتاب پڙهندو هوس ۽ شعر لکندو هوس.

هڪڙي ڏينهن عورتون چرچ هليون ويون هيون ۽ منهنجو مالڪ بيماريءَ سبب بستري ۾ ليٽيو پيو هو. هو مون کان پڇڻ لڳو، ”چا، اهو سچ آهي تہ تون شعر لکين ٿو؟ وڪٽر تنهنجي شعر جون ڳالهيون ڪندو آهي! چڱو. ڪو شعر پڙهي ٻڌاءِ.“

مان انڪار ڪري نہ سگهيس، تنهنڪري هن کي ٻہ چار شعر پڙهي ٻڌايم، جن جو ظاهري طرح هن تي ڪو اثر نہ ٿيو. تہ بہ مون کي چوڻ لڳو، ”دل سان لکندو رهجانءِ. ٿي سگهي ٿو تون ڪڏهن پشڪن ٿي پوين. تو ان کي پڙهيو هوندو؟“ پوءِ پشڪن جي شعر جي هڪڙي مصرع پڙهي ٻڌائڻ لڳو:

چا، ڪڏهن ڏائڻيون بہ شادي ڪن ٿيون،
چـا، جنڙا ڪڏهن مرنـدا بہ آهـن؟

پوءِ چوڻ لڳو، ”هن جي ڏينهن ۾ ماڻهو ڏائڻين ۽ جنن ۾

جي معنيٰ اها ته ڪنهن کي به ڪجهه سمجهه ۾ ڪونه ٿو اچي. ڀلا، تون ڪو راڳ ڳائي سگهين ٿو؟"

"نه."

"ڇو نه؟ توکي ڪجهه ڳائڻ گهرجي. وقت کي انهيءَ کان وڌيڪ واهيات نموني گذارڻ جو ٻيو ڪو طريقو ڪونهي."

پرواريءَ مٿس تان ڪنهن چيو، "تون به ته ڳائيندو آهين!"

"چڱو، مان واهيات آهيان، پوءِ ڇا ٿيو؟"

"ڪجهه به نه."

"اها 'ڪجهه نه' ته اٿين ڳالهه ناهي. سڀني کي پتو آهي ته تنهنجي ڪند مغز ۾ ڪجهه به ڪونهي ۽ خدا ڪندو ته آن ۾ ڪڏهن ڪجهه هوندو به ڪونه—آمين!"

هو هر ڪنهن ماڻهوءَ سان، ۽ مون سان به، اهڙيءَ ٺٺ چٽڪتائيءَ سان پيش ايندو هو. پر جڏهن مون کيس به چار پيرا ووڊڪا ۽ ڀڪل جيرا ڪارايا، ته مون سان ڪجهه نرميءَ سان پيش اچڻ لڳو. هڪڙي ڏينهن مون کي حيرت ۾ وجهي ڇڏيائين— چوڻ لڳو، "جڏهن به مان توکي ڏسندو آهيان تڏهن سوچيندو آهيان ته تون ڪير آهين، ڇا آهين ۽ ڇو آهين؟... پر پنهنجو رستو وٺ، جيڪي هجين سو هجين، منهنجو انهيءَ ۾ ڇا!"

ڪلشڪوف سان هن جو برتاءُ مون کي سمجهه ۾ نه ايندو هو— هن کي وڏي چاهه سان ٻڌندو هو، ۽ هن جي راڳ تي خوش ٿيندو هو. ته به، هن جي ويجهو وڃڻ کان پيو نٽائيندو هو ۽ ڪڏهن ڪڏهن ته هن بابت سخت ناپسنديءَ جا رايا بيان ڪندو هو—

"بيوقوف ڪنهن جاءِ جو! هن کي پنهنجي آواز تي قبضو آهي، ۽ اها ڄاڻ اٿس ته ڇا ڳائي رهيو آهيان. باقي انهيءَ کان سواءِ گڏه آهي گڏه."

"ڇو؟"

"پنهنجيءَ ٻيءَ برادريءَ وانگر."

# اسان جا ڇپايل ڪي ٻيا ڪتاب

| | | |
|---|---|---|
| ۰۱ | آفتاب ادب | ۰۰-۵ |
| ۰۲ | حيات النبي | ۰۰-۱۰ |
| ۰۳ | سيرت مصطفيٰ ص | ۰۰-۱۲ |
| ۰۴ | سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ | ۰۰-۶ |
| ۰۵ | پراڻو پارڪر | ۰۰-۶ |
| ۰۶ | سير ڪوهستان | ۰۰-۲ |
| ۰۷ | لاڙ جو سير | ۵۰-۲ |
| ۰۸ | سير ريگستان | ۰۰-۴ |
| ۰۹ | لب تاريخ سنڌ | ۰۰-۱۲ |
| ۰۱۰ | قديم سنڌ جا شهر ۽ ماڻهو | ۰۰-۱۵ |
| ۰۱۱ | تاريخ ريگستان (۲) | ۰۰-۲۴ |
| ۰۱۲ | تذڪره اميرخاني | ۰۰-۱۴ |
| ۰۱۳ | تذڪره مشاهير سنڌ | ۰۰-۲۰ |
| ۰۱۴ | سنڌ ۽ بلوچستان جو سير سفر | ۰۰-۲۰ |
| ۰۱۵ | سنڌ جي دربار | ۰۰-۶ |
| ۰۱۶ | آهي ڏينهن، آهي شينهن (۱) | ۰۰-۲۰ |
| ۰۱۷ | نئينءَ مصر جا پراڻا ورق | ۰۰-۱۲ |
| ۰۱۸ | تاريخ ڪلهوڙا (ٻه حصا) | ۰۰-۲۶ |
| ۰۱۹ | سنڌ جي اقتصادي تاريخ | ۰۰-۶ |
| ۰۲۰ | مقدمه ابن خلدون | ۰۰-۲ |
| ۰۲۱ | تذڪره شعراء ٺٽو | ۰۰-۵ |
| ۰۲۲ | تاريخ طاهري | ۰۰-۱۲ |
| ۰۲۳ | مئڪسم گورڪي (ننڍپڻ) | ۰۰-۱۲ |
| ۰۲۴ | ڪئينڊيڊ | ۰۰-۵ |

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سنڌ سلامت

**www.sindhsalamat.com**

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سندس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.
اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آسانيءَ سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.
۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀرپور ساٿ نڀائيندا.

[books.sindhsalamat.com](http://books.sindhsalamat.com)

سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ ايپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book

سورهہ سنڌي ادب جي واٽس ايپ گروپ جي لنڪ:

https://chat.whatsapp.com/Ccc0pAnEJWk79h92OCt6Nu